



ڪنهن وقت جي ڳالهه آهي ته هڪ شهر جي ننڍڙي باغ ۾ روزانو ٻار راند ڪيڏڻ لاءِ ايندا هئا. جتي فراز به شام جو دوستن سان گڏ ڪيڏڻ ايندو هو. باغ ۾ سڀئي دوست گڏجي خُوب مَوج مستي ڪندا هئا. انهيءَ باغ ۾ هڪ ننڍڙو تلاءَ به هئو.



فراز ۽ سندس دوستن کي تلاءَ جي پر ۾ کيڏڻ وڻندو هو، ڇو تہ تلاءَ ۾ نہ صرف خوبصورت بدڪون ترنديون هيون پر شام جو تلاءَ ۾ رهندڙ مَڇين جي جُهونگارڻ جو آواز بہ ايندو هو. راند ڪيڏندي فراز، دوستن سان گڏ مَڇين جي سُر سان سُر پڻ ملائيندو هو.



برسات جي مند ايندي هئي تہ فراز دوستن سان راند ڪيڏندي خوش ٿيندو هو ۽ مَڇين جي جُهونگارڻ جو آواز تيز ٿي ويندو هو. باغ ۾ مُوجود پکي پکڻ، وڻ ٽڻ بوٽا، پوپٽ ۽ جيت جڻا هر ڪو ان مَڌر آواز ۾ گم ٿي ويندو هو.



گھر اچي فرازَ، ماءُ کي پُوري ڳالھ ٻُڌائي. ماءُ کيس ٻڌايو ”پُٽ! اهو سڀ ماحول جي گدلاڻ ڪري ٿي رهيو آهي.“ ”امان ماحول جي گدلاڻ ڇا ٿيندي آهي؟“ فراز پُڇيو. ”پُٽ جهڙي رِيت اسان پنهنجي صفائي ۽ کاڌ خوراڪ جو خيال نہ رکنداسين تہ اسان آهستي بيمار ۽ ڪمزور ٿيندا وينداسين.



”اهڙيءَ رِيت جيڪڏهن اسان ماحول جي صفائيءَ جو خيال نہ رکنداسين تہ ان کي نقصان رسندو.“ ”ماسي ماحول جو خيال ڪيئن رکجي؟“ فراز جي دوست پڇيو. ”پُٽ، وڏ ڪان وڏ ٻوٽا ۽ وڻ پوکڻ گهرجن، پاڻيءَ جي صفائي ضروري آهي. گند ڪچري کي ان جي مخصوص جڳهين تي اڇلجي.“




ان ڏينهن کان پوءِ ٻارن سموري باغ ۾ وڏا پوسٽر ۽ وڏن ٻارن سان گڏجي ڪچري جا دٻا هر جاءِ تي لڳايا. هو اتي ايندڙ ٻين ٻارن کي پڻ باغ جي صفائيءَ بابت ٻڌائڻ لڳا. باغ جي سير لاءِ ايندڙ ماڻهو هاڻي ڪچرو تلاءَ ۾ اڇلائڻ بدران ڪچري جي دٻي ۾ وجهڻ لڳا.



باغ جو روزانو خيال رکڻ جي ڪري باغ صاف ٿيڻ لڳو. ڪجهه ئي عرصي ۾ ٻوٽا ٻيهر ساوا ٿيڻ لڳا. پکي، جيت جڻا واپس موٽي آيا ۽ تلاءُ مان مَڇين جي جُهونگارڻ جو مڌر آواز ٻيهر اچڻ لڳو. فراز ۽ سندس دوست اهو سڀ ڏسي ڏاڍا سرها ٿيا.

# بِگ بُڪس

## BIG BOOKS

(پهرئين درجي لاءِ)


پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ (USAID-Pakistan Reading Project) يُو ايس ايڊ (USAID) جي مالي سهڪار سان عمل ۾ ايندڙ پنج سالہ پروگرام آهي. جنهن جو مقصد پاڪستان ۾ صوبائي ۽ علائقائي تعليم کاتي جي تعاون سان شروعاتي دَرجن جي شاگردن ۾ 'پڙهڻ' جي صلاحيتن ۾ بهتري آڻڻ آهي. ان سلسلي ۾ پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ پهرئين دَرجي جي شاگردن ۾ سنڌي پڙهڻ جي مهارتن کي وڌائڻ لاءِ هِي تدريسي مواد تيار ڪيو آهي.

بِگ بُڪس انهيءَ تدريسي مواد جو اهم حصو آهن. هي ڪتاب استاد، شاگردن آڏو 'وڏي آواز ۾ پڙهڻ' واري طريقي مطابق پڙهندا. 24 هفتن لاءِ 24 بِگ بُڪس لکيا ويا آهن، هر هفتي هڪ بِگ بُڪ پڙهايو ويندو. هر بِگ بُڪ جي پٺيان استادن لاءِ اُن هفتي جي پڙهڻ جي مهارتن لاءِ سرگرميون ڏنيون ويون آهن. وڏي آواز سان پڙهڻ دوران ان ڳالهہ جو خيال رکڻ گهرجي تہ شاگردن کي مڪمل ڪهاڻي پڙهي ٻڌائجي. بِگ بُڪس جون هي ڪهاڻيون لکڻ دؤران ڪيترن ئي اصولن کي نظر ۾ رکيو ويو آهي. مثال طور، مخصوص موضوعن جي چونڊ، شاگردن جي عمر ۽ ذهني سطح، مناسب لفظن جو ذخيرو، سادو اسلوب ۽ شاگردن جي دلچسپيءَ جي عنصر کي قائم رکڻ لاءِ واضح ۽ وڻندڙ تصويرون وغيره.

هن ڪاوش جي نتيجي ۾ استاد، شاگردن جي 'پڙهڻ' جي مهارتن: ڇَپيل تصوُر، صوتي ڄاڻ، صوتيات، لفظن جو ذخيرو، رواني ۽ تفهيم جي صلاحيتن ۾ واڌارو آڻي سگهندا. هي بِگ بُڪس، اسڪول لائبريري جو حصو بڻجندا تہ جيئن ايندڙ شاگرد پڻ هنن ڪتابن مان لاڀ حاصل ڪري سگهن ۽ ٻولي سکڻ ۽ پڙهڻ ۾ دلچسپيءَ جو هِي سلسلو جاري رهي.

اسان کي اميد آهي تہ پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ جي هيءَ ڪاوش سنڌ جي پرائمري اسڪولن ۾ پڙهڻ جي معيار کي بهتر کان بهتر بڻائڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندي. پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ ۾ هيٺ ڏنل تعليمي ۽ تدريسي مواد شامل آهي:

- ٽي آءِ جي ماڊيولز
- سبقي منصوبا
- فليش ڪارڊز
- وڊيوز
- ورڪ بُڪ
- بِگ بُڪس
- سُر (Vowel) آوازن جا چارٽ



تدريسي مواد جي تياريءَ دؤران هن کي هر قسم جي غلطيءَ کان آجو رکڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي وئي آهي. تنهن هوندي بہ استعمال دؤران جيڪڏهن ڪا ڪَمي نظر اچي تہ ان بابت مهرباني ڪري ٿُرت پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ جي صوبائي/ ضلعي آفيس کي ڄاڻ ڏني وڃي. ان سهڪار جي لاءِ اسان اوهان جا ٿورائتا رهنداسين.

# اُستادن جي لاءِ هدايتون

## پهريون ڏينهن (اڳڪٿي، اڳوٽي معلومات ۽ ڳالھ ٻولھ)

**پڙهڻ کان پهريان:**

شاگردن کي ڪهاڻيءَ جو ٽائيٽل ڏيکاري پڇو تہ:

- توهان جي خيال ۾ اڄ ڪهڙي ڪهاڻي پڙهنداسين؟
- تصوير ۾ ڇا نظر اچي رهيو آهي؟

**پڙهڻ دؤران**

- مَڇيون ڇا ڪري رهيون آهن؟
- تلاءُ جو ڪهڙو رنگ ٿي ويو؟
- فراز ۽ ان جا دوست ڇو پريشان ٿيا؟

**پڙهڻ کان پوءِ**

- مَڇين ڳائڻ ڇو بند ڪيو؟
- ماءُ، فراز کي ڇا ٻڌايو؟
- باغ ۾ ڪچري جا دٻا ڇو لڳايا ويا؟

## ٻيو ڏينهن (آوازن جي مشق)

**پڙهڻ کان پهريان:**

- شاگردن کان پڇو تہ اڄ توهان ڪهڙو اکر/آواز سکيو آهي؟ (جواب: /ف/) آوازن جي چارٽ مان ٻڌايو.
- توهان آواز /ف/ سان شروع ٿيندڙ ڪجھ لفظ ٻڌايو. (فقير، فانوس، فصل، فنڪار)

**پڙهڻ دؤران**

- صفحو نمبر 4 ۾ ڏنل جملو 'فراز کي لڳو تہ مَڇيون فرياد پيون ڪن' پڙهو ۽ شاگردن کان پڇو تہ هن جملي ۾ اهڙا لفظ ٻڌائين جيڪي اکر/آواز /ف/ سان شروع ٿيندڙ هجن. (جواب: فراز، فرياد)
- لفظ 'فراز' کي ٽاڙي وڄرائي پدن ۾ پڙهايو. ( فراز /ف/،/را/،/ز/)
- لفظ 'فرياد' ۾ گهڻا پد/آواز آهن؟ (جواب: چار)

## ٽيون ڏينهن (لفظن جو ذخيرو، سنڌي ۽ ٻي ڪا مادري زبان)

**پڙهڻ کان پهريان:**

(ٿي سگهي ٿو تہ توهان جي ڪلاس ۾ ڪجھ اهڙا ٻار موجود هجن جن جي مادري ٻولي سنڌي نہ هجي، ان صورت ۾ هي سوال توهان انهن ٻارن کان پڇندؤ).

- شاگردن کي ڪهاڻيءَ جي ٽائيٽل تي 'مَڇين' جي تصوير ڏيکاري پڇو تہ توهان جي ٻوليءَ ۾ مَڇيءَ کي ڇا چوندا آهن؟

**پڙهڻ دؤران**

- صفحي نمبر 3 تي جملو 'هر ڪو ان مٺڙ آواز ۾ گم ٿي ويندو هو' کي تاثرات سان ادا ڪري انهن جي ٻوليءَ ۾ ورجائڻ لاءِ چئو.
- صفحو نمبر 3 تي 'تلاءَ' جي تصوير ڏيکاري شاگردن کان پڇو تہ توهان جي ٻوليءَ ۾ تلاءَ کي ڇا چوندا آهن؟

## چوٿون ڏينهن (ڇپيَل تَصور)

**پڙهڻ کان پهريان:**

- ٻارن کي ڪتاب جو اڳيون ۽ پويون حصو ڏيکاريو، ڪهاڻي جي عنوان طرف اشارو ڪري ان جو نالو پڙهو گڏوگڏ ليکڪ ۽ مصور جا نالا پڙهي ٻڌايو.

**پڙهڻ دؤران**

- ڪهاڻي کولي پڇو ڪٿان کان پڙهڻ شروع ڪنداسين؟
- پهرئين سِٽ ختم ڪرڻ کان پوءِ سوال ڪيو تہ هاڻي اسان کي ڪهڙي سِٽ پڙهڻ گهرجي؟

**پڙهڻ کان پوءِ**

- ڪهاڻيءَ جو ڪو بہ صفحو کولي پڇو تہ صفحو نمبر ڪٿي لکيل آهي؟
- اُن صفحي جو آخري لفظ ڪهڙو/ڪٿي آهي؟

## پنجون ڏينهن (لفظن جو ذخيرو، پهاڪا ۽ اصطلاح)

**پڙهڻ دؤران**

- صفحي نمبر 3 ۾ جملو 'برسات جي مند ايندي هُئي' پڙهو ۽ معنيٰ ٻڌايو 'موسم' پوءِ مثال ڏيو. (سياري جي مند ۾ ٿڌ ٿيندي آهي) اهڙيءَ طرح ٻيا جملا ٺاهڻ ۾ شاگردن جي مدد ڪيو.
- صفحي نمبر 5 ۾ جملو 'اسان آهستي آهستي بيمار ۽ لاغر ٿيندا ويندا سين' پڙهو ۽ معنيٰ ٻڌايو 'ڪمزور' پوءِ مثال ڏيو. (اسان ڪاڏو نہ کائينداسين تہ لاغر ٿي ويندا سين) اهڙيءَ طرح ٻيا جملا ٺاهڻ ۾ شاگردن جي مدد ڪيو.
- صفحي نمبر 5 ۾ 'گدلاڻ' کي جملن ۾ استعمال ڪرايو.
- صفحي نمبر 7 ۾ 'ڪچري جو دٻو' کي جملن ۾ استعمال ڪرايو.

## ڇهون ڏينهن (ڳالھ ٻولھ، ڪهاڻيءَ جو ذاتي زندگيءَ سان ڳانڍاپو)

**پڙهڻ کان پهريان:**

- ڪهڙيون شيون ماحول کي خراب ڪن ٿيون؟
- توهان جي گهر جي آس پاس ڪهڙو باغ آهي؟

**پڙهڻ دؤران**

- ماحول جي گدلاڻ ڇا ٿيندي آهي؟
- ماحول جي گدلاڻ کان بچڻ لاءِ ڇا ڪجي؟
- ماءُ جي ڳالھ ٻڌي فراز ۽ ان جي دوستن ڇا ڪيو؟

**پڙهڻ کان پوءِ**

- تلاءُ جو رنگ ڇو بدلجي ويو؟
- توهان پنهنجي آس پاس جي ماحول جي صفائيءَ جو خيال ڪيئن رکندو؟
- توهان پنهنجي دوستن سان ملي ماحول جي صفائيءَ تي ڪهڙا پوسٽر ٺاهيندو؟

www.pakreading.org

This publication is made possible by the support of the American people through the United States Agency for International Development (USAID). It is produced by the USAID-funded Pakistan Reading Project in collaboration with the provincial/regional government. The contents are the sole responsibility of the project and do not necessarily reflect the views of USAID or the United States Government.

هن اشاعت جي فراهمي آمريڪي عوام جي سهڪار سان بين الاقوامي ترقيءَ جي آمريڪي اداري طرفان ڪئي وئي آهي. هي دستاويز يو ايس ايڊ-پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ، صوبائي/ علائقائي حڪومتن جي تعاون ۽ پائيواري سان تيار ڪيو آهي. هن اشاعت جي مڪمل ذميواري پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ جي آهي ۽ ضروري نہ آهي تہ هي يو ايس ايڊ يا آمريڪي حڪومت جي نظريي جي عڪاسي ڪندي هجي.